# قرآني بيان

## حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام

# جا 3 اوصاف

مدني مراكز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد
(دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

**06-JUNE-2025**



## جمعة المبارک جو

مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
6 جون، 2025ء (9 ذوالحجۃُ الحرام، 1446ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جا 3 اوصاف

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿ ... حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو مقرب ڪير؟

✿ ... حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جا 3 اوصاف

✿ ... حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ۾ محبتِ الاهي

✿ ... الله جو ذڪر ٻڌڻ جي لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيائون.

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ فرمايو:

اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓىِٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ط يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

(سيپارو: 22، سوره احزاب: 56)

ترجمو ڪنزُالعرفان: بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪَ نبي تي درود موڪلن ٿا. اي ايمان وارؤ! ان تي خوب درود ۽ سلام موڪليو.

امام سخاوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هن آيت ۾ الله پاڪ پنهنجي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدر ۽ منزلت بيان فرمائي آهي تہ الله پاڪ پنهنجي مقرب ملائڪن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ساراهہ بيان ڪري ٿو ۽ ملائڪَ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪلين ٿا، پوءِ زمين وارن کي حڪم ڏنائين تہ اهي بہ پياري آقا، مديني واري مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود ۽ سلام موڪلين تہ جيئن زمين ۽ آسمان ۾ سڀ مخلوق پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ساراهہ ۾ مشغول ٿي وڃي.[1]

درود اُن پہ بھیجو سلام اُن پہ بھیجو | یہی مؤمنوں سے خدا چاہتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]… القول البديع، افراد الصلاة عن التسليم …الخ،صفحه:35 خلاصة ـ

قَالَ اللّٰهُ جَلَّ شَانُهٗ (يعني الله پاڪ فرمايو):

اِنَّ اَوْلَى النَّاسِ بِاِبْرٰهِيْمَ لَلَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ وَ هٰذَا النَّبِيُّ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ وَ اللّٰهُ وَلِيُّ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۶۸﴾

وَقَالَ فِي مَقَامٍ آخَر (۽ الله پاڪ جَلَّ شَانُهٗ هڪ ٻئي مقام تي فرمايو):

اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَحَلِيْمٌ اَوَّاهٌ مُّنِيْبٌ ﴿۷۵﴾

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! سنتِ ابراهيميءَ جي ادائيگي يعني قربانيءَ جا بابرڪت ڏينهن اچڻ وارا آهن، خوش نصيب ماڻهو الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم تي عمل ڪرڻ ۽ حضرت ابراهيم خليلُ الله عَلَيْهِ السَّلَام جي سنت کي ادا ڪرڻ لاءِ خدا جي راهه ۾ جانور قربان ڪندا، جيڪي ماڻهو قرباني ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا، الله پاڪ انهن سيني جي ڪوشش ۽ محنت ۽ هن نيڪ عمل کي پنهنجي پاڪ بارگاهه ۾ قبول فرمائي ۽ جيڪي ويچارا قرباني ڪرڻ جي طاقت نٿا رکن، الله پاڪ انهن کي بہ وسعت سان نوازي ۽ نيڪ نيتي ۽ خوش دليءَ سان قرباني ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اے مسلماں! سُن یہ نکتہ درسِ قرآنی میں ہے | عظمتِ اسلام و مُسلِم صرف قربانی میں ہے

## حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو مقرب ڪير؟

سيپارو:3، سورة آلِ عمران، آيت: 68 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّ اَوْلَى النَّاسِ بِاِبْرٰهِيْمَ لَلَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ وَ هٰذَا النَّبِيُّ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ وَ اللّٰهُ وَلِيُّ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۶۸﴾

(سيپارو: 3، آلِ عمران: 68)

ترجمو ڪنزُالعرفان: بيشڪ سيني ماڻهن کان وڌيڪ ابراهيم جا حقدار اهي آهن جيڪي سندس جي پيروي ڪرڻ وارا آهن ۽ هي نبي ۽ ايمان وارا ۽ الله ايمان وارن جو مددگار آهي.

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: لفظِ اَوْلیٰ جون 2 معنائون ٿين ٿيون: (1): ويجهو (2): حقدار. هن آيتِ ڪريمه ۾ قرب واري معنيٰ به ٿي سگهي ٿي ۽ حقدار واري به، مطلب هي ٿيندو ته هن دنيا ۾ به ۽ قيامت واري ڏينهن به حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي قريب ترين ۽ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جا حقدار اهي ماڻهو آهن، جيڪي سندن پيروي ڪندڙ آهن.[1]

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: هن آيت ڪريمه مان 3 مسئلا معلوم ٿيا: (1): نبيءَ جو قرب سندن اطاعت سان حاصل ٿئي ٿو. (2): مسلمان ئي سچا ابراهيمي آهن، انهيءَ ڪري ئي سڀ ابراهيمي سنتون مثال طور: حج، قرباني، ختنو، ڏاڙهي وغيره اسلام ۾ موجود آهن. (3): ٽيون مسئلو اهو معلوم ٿيو ته بزرگن (يعني الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن، نبين ۽ ولين) سان نسبت الله پاڪ جي اعليٰ نعمت آهي ته جيڪي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سان سچي نسبت رکن ٿا،[2] (سندن) ڪامل پيروي ڪندڙ آهن، الله پاڪ انهن لاءِ فرمايو:

وَ اللّٰهُ وَلِیُّ الْمُؤْمِنِیْنَ ﴿۶۸﴾

(سيپارو: 3، آلِ عمران: 68)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ الله ايمان وارن جو مددگار آهي

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آيتِ ڪريمه جي هن حصي جي تحت فرمائن ٿا: (معلوم ٿيو: نيڪ) اعمالَ سڌو سنئون نجات جو ذريعو نه آهن بلڪ نيڪ اعمال قربِ پيغمبر جو ذريعو آهن، قربِ پيغمبر قربِ خدا جو وسيلو آهي ۽ قربِ خدا رحمت ۽ مغفرت جو ذريعو آهي.[3]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1…تفسيرِ نعيمى،پاره:3، آلِ عمران،زيرِ آيت:68، جلد:3،صفحه:532خلاصتً۔
2…تفسير صراط الجنان،پاره:3، آلِ عمران،زيرِ آيت:68،جلد:1، صفحه:496 بتغير قليل۔
3…تفسيرِ نعيمى،پاره:3، آلِ عمران،زيرِ آيت:68، جلد:3، صفحه:535بتغير قليل۔

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمہ مان معلوم ٿيو: جيڪڏهن اسان حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو قرب چاهيون ٿا تہ ان لاءِ سندن سيرت ۽ ڪردار مان، سندن پاڪيزه عادتن مان روشني وٺڻ ۽ سندن جهڙا اعليٰ اوصاف اپنائڻ بہ ضروري آهي.

## حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جا 3 اعليٰ اوصاف

اسان بيان جي شروعات ۾ سيپارو:12، سورت هود جي آيت: 75 جو ڪجھ حصو ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، آيتِ ڪريمہ جي هن حصي ۾ ربِ ڪريم حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جا 3 اعليٰ اوصاف بيان فرمايا آهن، ارشاد ٿئي ٿو:

اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَحَلِيْمٌ اَوَّاهٌ مُّنِيْبٌ﴿۷۵﴾ (سيپارو: 12، هود: 75)

ترجموڪنزُالعرفان: بيشڪ ابراهيم وڏو بردبار، گهڻو آھ وزاري ڪندڙ، رجوع ڪرڻ وارو آهي.

هي 3 اعليٰ اوصاف آهن: (1): حِلم (2): اَوَّاه ۽ (3): مُنِيْب

## حِلم ڪنهن کي چئبو آهي...؟

حِلم جي معنيٰ آهي: بردباري، نرم دلي، (Tolerance). امام غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ماڻهوءَ کي غصو اچي ۽ اهو ڪوشش ڪري، تڪليف سان، نفس کي مجبور ڪري غصي کي دٻائي ڇڏي تہ ان عمل کي كَظْمُ الْغَيْظ (يعني غصو پي وڃڻ) چيو ويندو آهي، جيڪڏهن بار بار اهڙي طرح غصو پيئڻ جي مشق (Practice) ڪئي وڃي، تہ جيڪڏهن غصو اچي بہ تہ ان کي دٻائڻ ۾ تڪليف سان ڪم نہ وٺڻو پوي بلڪ آسانيءَ سان دٻجي وڃي، ان کي حِلم چيو ويندو آهي.[1]

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو اعليٰ وصف ڇا آهي؟ حِلم. پاڻ تمام گهڻا حِلم وارا هئا، جڏهن بہ ڪو سندن سان جهالت وارو معاملو ڪندو هو تہ پاڻ صبر ۽ تحمل، نرمي ۽ برداشت جو مظاهرو ڪندا هئا.

1...احياء علوم الدين، كتاب ذم الغضب و الحقد و الحسد،بيان فضيلة الحلم،جلد:3 ،صفحہ:218خلاصتہً

## حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي حِلم جو هڪ مثال

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو هڪ چاچو هو: آزر. هي ڪافر ۽ مشرڪ هو، خود پنهنجي هٿن سان مورتيون ٺاهيندو هو، انهن کي وڪڻندو بہ هو ۽ انهن جي پوڄا بہ ڪندو هو. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام هڪ ڀيري ان کي نيڪيءَ جي دعوت ڏني ۽ شفقت طور ان کي چاچو نہ بلڪ والد چئي سڏيو، فرمايائون: ۞ اي منهنجا والد! تون ڇو اهڙي جي عبادت ڪري رهيو آهين جيڪو نہ ٻڌي ٿو، نہ ڏسي ٿو، نہ توکي ڪو فائدو پهچائي سگهي ٿو ۞ اي منهنجا والد! الله پاڪ مون کي پنهنجي سڃاڻپ عطا ڪئي، منهنجي طرف وحي فرمائي، مون کي علم جي دولت سان نوازيو، تنهن ڪري منهنجي پيروي ڪر! مان توکي سڌي راهہ ڏيکاريندس ۞ اي منهنجا والد! شيطان جي پويان نہ هل، بيشڪ شيطان ربِ رحمان جو وڏو نافرمان آهي ۞ اي منهنجا والد! مون کي ڊپ آهي تہ متان توتي الله پاڪ جو عذاب نہ اچي وڃي.

غور فرمايو! ڪيترو منو ۽ پيارو انداز آهي، پاڻ هن مختصر نيڪيءَ جي دعوت ۾ پنهنجي چاچي کي 4 ڀيرا والد چئي سڏيو، نرميءَ سان، پيار سان، نرالي انداز ۾ ان کي سمجهايائون پر آزر ڇا جواب ڏنو؟ چيائين:

اَرَاغِبٌ اَنْتَ عَنْ اٰلِهَتِيْ يٰۤاِبْرٰهِيْمُ ۚ لَىٕنْ لَّمْ تَنْتَهِ لَاَرْجُمَنَّكَ

(سيپارو: 16، مريم: 46)

**ترجمو ڪنزُ العرفان:** ڇا تون منهنجي خُدائن کان منهن موڙين ٿو؟ اي ابراهيم! بيشڪ جيڪڏهن تون نہ مُڙين تہ مان توکي پٿر هڻندُس.

اللهُ اَڪبر! ڪيترو سخت لهجو آهي، آزر حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي ڳالهين جي بدلي ڄڻ تہ مٿن پٿر وسايا يعني ايتري پيار ڀري نيڪيءَ جو اهڙو ڪڙو جواب ڏنو پر حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي حِلم تي قربان وڃجي! پاڻ آزر جي انهن زهريلن تيرن جي جواب ۾ وري گل وسايا، فرمايائون:

سَلٰمٌ عَلَيْكَ ۚ سَاَسْتَغْفِرُ لَكَ رَبِّيْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِيْ حَفِيًّا (47)

(پاره:16، مريم: 47)

ترجموڪنزالعرفان: بس توکي سلام آهي. جلد ئي مان تنهنجي لاءِ پنهنجي رب کان معافي گهرندس. بيشڪ اُهو مون تي وڏو مهربان آهي.

پوءِ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام آزر لاءِ دعائون به ڪندا رهيا، آخر جڏهن مٿن واضح ڪيو ويو ته آزر ڪنهن صورت ۾ ايمان قبول نه ڪندو، اهو الله پاڪ جو دشمن آهي، پوءِ پاڻ ان لاءِ دعاءِ مغفرت ڪرڻ ڇڏي ڏني.[1]

لفظوں کی آبرُو کو یُوں نہ گنوایئے کہ | جو مانتا نہیں اسے کہنا فضول ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي حِلم...!! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پيار سان سمجهائن ٿا ۽ آزر پٿر هڻڻ جي ڌمڪي ڏئي ٿو، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پوءِ به ان جو بُرو نٿا مڃن بلڪ ان سان نرمي ۽ حِلم سان ئي پيش اچن ٿا.

الله پاڪ اسان کي به حِلم جي دولت نصيب فرمائي. اسان وٽ عام طور تي حِلم ۽ برداشت جي کوٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، خاص ڪري سمجهائڻ جي معاملي ۾ ته ڪجهه وڌيڪ ئي جلدبازي ۽ تيزيءَ جو مظاهرو ڪيو ويندو آهي ۞ والدين پنهنجي اولاد کي سمجهائيندي غصي سان لال پيلا ٿي ويندا آهن ۞ ڀاءُ ڀاءُ کي سمجهائي ۞ گهر ۾ ڪنهن کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻي هجي ۞ باهر ڪنهن کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻي هجي ته ماڻهو تيز جملا ڳالهائيندا آهن ۔ مثال طور: ۞ توکي لک ڀيرا سمجهايم، سمجهين ئي نٿو ۞ ڪو عقل به آهي يا نه آهي ۞ دماغ نه، مٿي ۾ ڀوسو ڀريل آهي وغيره جملا ڳالهائي سامهون واري کي وڌيڪ نفرت ڏياري

1...تفسير صراط الجنان،پاره:16 ،مريم ، زيرِ آيت:47 ، جلد: 6 ،صفحه:114خلاصةً۔

ڇڏيندا آهن ۽ جيڪڏهن سامهون وارو ڪو جواب ڏئي ڇڏي، پوءِ ته بس...!! ۞ ڏند پيهندا ۞ مُنيون پيڙيندا ۞ نتا ٻڏو ته وڃو ڪڏ ۾ ۞ مون ڪي غرض ئي ڇا آهي، توهان ڪي سمجهائڻ جي ۞ توهان مڃڻ واري مٽيءَ مان ٺهيل ئي نه آهيو وغيره ڳالهائي نيڪيءَ جي دعوت جو رهيل سهيل اثر به ختم ڪري ڇڏيندا آهن.

ڪاش! اسان کي حِلم جي دولت ملي وڃي ۞ سامهون وارو غصو ڪري، حِلم اپنايو! ۞ سامهون وارو گاريون ڏئي، حِلم اپنايو! ۞ سامهون وارو برائيءَ سان پيش اچي، حِلم اپنايو! ۞ ڪو ماري پوءِ به حِلم ۞ ڪو ستائي، پوءِ به حِلم ۞ ڪو جهالت وارو معاملو ڪري، پوءِ به حِلم ۞ بس اسان حِلم کي پنهنجي زندگيءَ جو اصول بڻائي ونون، ڏسجو، اِنۡ شَآءَ اللّٰه الۡكَرِيۡم! زندگيءَ ۾ سڪون به اچي ويندو، زبان ۾ تاثير به اچي ويندي، ڪردار ۾ حسن به ايندو، عزت ۾ به اضافو ٿيندو ۽ الله پاڪ چاهيو ته آخرت ۾ به بيڙو پار ٿي ويندو.

| | |
|---|---|
| تُو عطا حِلم کی بھیک کر دے | میرے اخلاق بھی ٹھیک کر دے |
| تجھ کو فاروق کا واسطہ ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے[1] |

## حِلم ڪيستائين اپنايون...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ بي ڳالهه به ياد رکو! حِلم جو هڪ قاعدو آهي، اهو هي ته جيتري سامهون واري جي جهالت وڏي، اوترو ئي اسان جو حِلم به وڏي. اسان وٽ ان جو اُبتڙ ٿئي ٿو، ماڻهو هڪ حد تائين ته برداشت ڪري ٿو پر سامهون کان جيئن جيئن جهالت، غصو، طنز ۽ دل آزاري وارو رويو وڌندو آهي، انهيءَ حساب سان اسان جو حِلم گهٽجندو ويندو آهي. هي غلط ڳالهه آهي، اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...وسائلِ بخشش، صفحه:138۔

جو پاڪيزه وصف هي آهي، بلڪ پوئين آسماني ڪتابن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجي شان هي بيان ڪئي وئي آهي تہ آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪو جيترو جهالت وارو معاملو ڪندو هو، سندن حِلم اوترو ئي وڌندو ويندو هو. حديثن ۾ اهڙا واقعا موجود آهن تہ اهلِ ڪتاب باقاعده پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن وصف جي جاچ ڪئي، جڏهن انهن ڏٺو تہ واقعي سندن سان جيترو جهالت جو معاملو ڪيو وڃي، پاڻ اوترو ئي وڌيڪ حِلم جو مظاهرو ڪندا آهن تہ جاچ ڪندڙ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا.[1]

## حِلم جا مختصر فضائل

ڪاش! اسان کي بہ حِلم جي اهڙي دولت ملي وڃي...!! ۞ حِلم الله پاڪ جي صفت آهي ۞ حِلم وارو الله پاڪ جو پسنديده ۽ پيارو بانهو بڻجي ويندو آهي ۞ ملائڪَ حِلم واري جا مددگار هوندا آهن ۞ حِلم واري جي ماڻهو تعريف ڪندا آهن ۞ ۽ حِلم وارو ماڻهو بلند درجن تائين پهچندو آهي ۞ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: 5 شيون سنتِ انبياء آهن، (انهن مان هڪ) حِلم آهي.[2] ۞ هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: بيشڪ مسلمان حِلم جي ذريعي ڏينهن جو روزو رکڻ ۽ رات جو عبادت ڪرڻ واري جو درجو حاصل ڪري وٺندو آهي.[3] ۞ هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: قيامت جي ڏينهن مخلوق کي گڏ ڪيو ويندو، هڪ اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو: فضيلت وارا ڪٿي آهن؟ هي ٿوري ڪجهہ ماڻهو اٿي جلدي جلدي جنت ڏانهن وڃڻ، ملائڪ انهن کان پڇندا؟ توهان جلدي جلدي جنت ڏانهن ڇو پيا وڃو؟ اهي چوندا: اسان ئي فضيلت وارا آهيون. ملائڪ پڇندا: توهان جي فضيلت ڇا آهي؟ اهي چوندا: جڏهن اسان تي ظلم ڪيو

1...معجم ڪبير،جلد:3،صفحہ:332،حديث:5002خلاصتہً
2...معجم ڪبير، جلد:5، صفحہ:324، حديث:11282-
3...معجم اوسط، جلد:4، صفحہ:369، حديث:6273-

ويندو هو تہ اسان صبر ڪندا هئاسين، اسان سان برو رويو اختيار ڪيو ويندو هو تہ اسان معاف ڪندا هئاسين ۽ جڏهن اسان سان ڪو جهالت وارو برتاءُ ڪندو هو تہ اسان حِلم جو مظاهرو ڪندا هئاسين.[1]

تُو عطا حِلَم کی بھیک کر دے | میرے اخلاق بھی ٹھیک کر دے
تجھ کو فاروق کا واسطہ ہے | یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے [2]

## حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام اَوَّاه آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو ٻيو وصف جيڪو سورت هود جي آيت:75 ۾ ارشاد ٿيو، اهو آهي: اَوَّاهٌ. ان جي لفظي معنيٰ آهي: گهڻو آهون ڀريندڙ.

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام هن وصف ۾ بہ وڏو ڪمال رکندا هئا، پاڻ خوفِ خدا سبب، الله پاڪ جي محبت ۾ گهڻيون آهون ڀريندا، خوب گريہ و زاري ڪندا هئا.

## حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي آھ وزاري جا 2 مثال

۞ اِحياءُ عُلُومِ الدّين ۾ آهي: الله پاڪ جا خليل حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن نماز لاءِ بيهندا هئا تہ خوفِ خدا سبب ايترو روئندا هئا جو هڪ ميل (تقريبن ڏيڍ ڪلو ميٽر) جي فاصلي تان سندن سيني ۾ ٿيندڙ گڙگڙاهٽ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو.[3] ۞ اهڙي طرح جڏهن پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام تي خوفِ خدا جو غلبو ٿيندو هو تہ ايترو روئندا هئا جو الله پاڪ (سندن تسڪين خاطر) حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي موڪليندو هو، حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪندا هئا: اي ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام! (الله پاڪ فرمائي ٿو) ڇا توهان ڪڏهن اهڙو دوست ڏٺو آهي جيڪو پنهنجي دوست کي عذاب ڏيندو هجي؟

---

1... شُعَبُ الْاِيْمان، باب فی حسن الخلق، فصل فی التجاوز ...الخ،جلد:6، صفحہ263، حديث:8086بتغير قليل۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:138۔
3...احياء علوم الدين ،كتاب الخوف و الرجاء،بيان احوال الانبياء ...الخ،جلد:4 ،صفحہ:222۔

حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام هي ٻڌي فرمائيندا هئا: اي جبرائيل! جڏهن مان پنهنجي طرف نگاهه ڪندو آهيان ته هي وساري ڇڏيندو آهيان ته مان الله پاڪ جو خليل آهيان.[1]

اَللهُ اَڪبر! هي آهي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي صفتِ اَوَّاه. پاڻ تمام گهڻا خوفِ خدا وارا، الله پاڪ جي محبت ۾، ان جي خوف ۾ گهڻيون آهون ڀريندڙ هئا. ڪاش! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو صدقي اسان کي به خوفِ خدا جي دولت نصيب ٿي وڃي.

تِرے خوف سے، تیرے ڈر سے ہمیشہ — میں تھرتھر رہوں کانپتا یاالٰہی!
مِرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دَم — ترے خوف سے یاخُدا یاالٰہی!

## خوفِ خدا سان روئڻ جي فضيلت

حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن مؤمن ٻانهي جي اک مان خوفِ خدا سبب ڳوڙها نڪرن، جيتوڻيڪ مک جي مٿي جي برابر هجن، پوءِ اهي ڳوڙها ان جي چهري جي ظاهري حصي کي پهچن ته الله پاڪ ان جي چهري کي جهنم تي حرام فرمائي ڇڏيندو.[2]

جی چاہتا ہے پھوٹ کے رووٗں ترے ڈر سے
اللہ! مگر دِل سے قَساوت نہیں جاتی

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: خوفِ خدا سان روئڻ وارو هرگز جهنم ۾ داخل نه ٿيندو جيستائين کير ٿڻ ۾ واپس نه هليو وڃي.[3]

مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: مطلب هي آهي ته جيئن ٿڻ مان نڪتل کير واپس ٿڻ ۾

1...منْهَاجُ الْعَابِدِين،العقبة الخامسة عقبة البواعث ، اصل الثانی...الخ،صفحہ:316 ۔
2...شُعَبُ الْايْمَان، جلد:1، صفحہ:490، حديث:802۔
3...ترمذی، کَتاب فضائل الجہاد،باب ما جاء فی فضل الغبار...الخ، صفحہ:415، حدیث:1633۔

وڃڻ ممڪن نہ آهي، اهڙي طرح خوفِ خدا سان روئڻ واري شخص جو دوزخ ۾ وڃڻ ناممڪن آهي.[1]

لائقِ نار ہیں مِرے اعمال | التجا یاخُدا کرم کی ہے[2]

ڪاش! اسان کي بہ خوفِ خدا نصيب ٿئي، اسان جيئن سنتِ ابراهيمي جي ادائگي لاءِ قرباني ڪيون ٿا، ڪاش! اهڙي طرح پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جو وصف اپنائيندي اَوَّاه (يعني خوفِ خدا سبب گهڻيون آهون ڀريندڙ، خوفِ خدا ۾ خوب روئڻ، ڳوڙها وهائڻ وارا) بڻجي وڃون.

ترے خوف سے، تیرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھر تھر رہوں کانپتا یاالٰہی!
مِرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دَم | ترے خوف سے یاخُدا یاالٰہی! (3)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام مُنيب آهن

حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو ٽيون وصف جيڪو قرآن ڪريم ۾ بيان ٿيو، اهو آهي: مُنِيب. هي لفظ اِنَابَةٌ مان نهيل آهي ۽ اِنَابَةٌ جي معنيٰ آهي: اَلرُّجُوْعُ مِنَ الْكُلِّ اِلٰى مَنْ لَهُ الْكُلُّ، سڀ ڪجھ ڇڏي صرف ان جو ٿي وڃڻ جيڪو سڀني جو مالڪ آهي.[4] ان لحاظ سان آيتِ ڪريمہ جي معنيٰ ٿيندي: حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام دنيا ۽ دنيا جو سڀ ڪجھ ڇڏي، صرف الله پاڪ ڏانهن رجوع ڪندڙ آهن.

## حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ۾ محبتِ الٰهي

هن معاملي ۾ تہ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام نرالي ئي شان جا مالڪ آهن. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام الله پاڪ جي محبت ۾ جهڙيون قربانيون پيش ڪيون آهن،

---

1...مِرآةُ المناجيح، جلد:5، صفحہ:436بتغير قليل ـ
2...وسائلِ بخشش ،صفحہ:141ـ
3...وسائلِ بخشش ،صفحہ:105 بتقدم و تاخرـ
4...نَضْرةُ النعيم ،حرف الف، جلد:3، صفحہ:540ـ

انهن جو مثال نٿو ملي. ۞ پاڻ جنهن قوم ڏانهن نبي بڻائي موڪليا ويا، اها ڪافر قوم هئي، ڪين حڪم ٿيو، انهن کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيو! پاڻ خوب صبر ۽ تحمل سان، حڪمتِ عملي سان نيڪيءَ جي دعوت ڏني، ماڻهن معاذ الله! ڪين نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪين ستايو ويو، پاڻ الله پاڪ جي رضا خاطر ان جي ڪا پرواهه نه ڪئي ۞ الله پاڪ جي رضا خاطر پاڻ نمرود خلاف ڪلمۀ حق بلند فرمايو ۽ خطرن باوجود ان تي قائم رهيا ۞ پوءِ جڏهن نمرود ڪين معاذ الله! باهه ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ته پاڻ ان تي به صبر ڪيو، يعني الله ڪريم جي راهه ۾ پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪرڻ کان به پوئتي نه هٽيا ۞ پوءِ ڪين پنهنجو گهر ٻار ڇڏي هجرت ڪرڻ جو حڪم ٿيو، پاڻ ان جي به قرباني ڏني ۞ سندن پٽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي ولادت ٿي، حڪم ٿيو: انهن کي ۽ انهن جي والده حضرت هاجره رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا کي مڪي پاڪ ڇڏي اچو، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي رضا لاءِ هي قرباني به پيش ڪئي ۞ پوءِ حڪم ٿيو: پنهنجي پٽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي قرباني پيش ڪريو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پٽ جي ڳلي تي به ڇري رکي ڇڏي. غرض: سندن سيرتِ پاڪ پڙهي هر صاحبِ عقل اهو ئي فيصلو ڪندو ته هي اها عظيم شخصيت آهن جن هر شيءِ جي مالڪ يعني الله پاڪ خاطر سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيو.

## ذڪر الله ٻڌڻ لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيو

روايتن ۾ آهي: (هجرت کان پوءِ) حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي الله پاڪ تمام گهڻو مال عطا فرمايو هو، سندن وٽ رڍون، ٻڪريون، اٺ، ڳئون وغيره ايترا جانور هئا جو انهن جي حفاظت لاءِ پاڻ 5 هزار ڪتا رکيا هئا، هر ڪتي جي ڳلي ۾ سون جا پٽا هئا، هڪ ڀيري پاڻ پنهنجي جانورن جي سارَ سنڀار ڪري رهيا هئا، ان وقت هڪ فرشتو انساني شڪل ۾ آيو ۽ هڪ غار ۾ ويهي الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ لڳو. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام

جڏهن فرشتي جو آواز ٻڌو تہ غار ۾ پهتا، اتي ويهي ذڪر الله ٻڌڻ لڳا. ڪجهہ دير ڪان پوءِ فرشتو خاموش ٿي ويو. حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: منهنجي محبوب (يعني الله پاڪ) جو ذڪر وڌيڪ ٻڌاءِ! فرشتي چيو: پهرين مان پنهنجي مرضيءَ سان ذڪر ڪري رهيو هئس، هاڻي توهان جي چوڻ تي ڪندس تہ مون کي ڇا ڏيندا؟ پاڻ پنهنجون سڀ ٻڪريون ان کي ڏئي ڇڏيون. فرشتي ٻيهر ذڪر ڪرڻ شروع ڪيو. پاڻ ٻڌندا رهيا. ڪجهہ دير ڪان پوءِ فرشتو وري خاموش ٿي ويو. پاڻ فرمايائون: وڌيڪ ذڪر ٻڌاءِ! فرشتو چيو: هاڻي ڇا ڏيندا؟ پاڻ پنهنجا سڀ اٺ ان کي ڏئي ڇڏيا. غرض: اهڙي طرح هڪ هڪ ڪري سڀ جانور، پنهنجي سڄي جائيداد، مڪان، سڀ سامان ڏئي ڇڏيو، آخر جڏهن سڀ ختم ٿي ويو تہ فرشتي چيو: هاڻي ذڪر الله ٻڌڻ لاءِ ڇا ڏيندا؟ فرمايائون: هاڻي تون مون کي ئي رکي ڇڏ ۽ الله پاڪ جو ذڪر ٻڌاءِ. تڏهن فرشتي چيو: توهان الله پاڪ جا خليل آهيو. ان ڏينهن کان سندن لقب خليل الله ٿيو.[1]

سُبۡحٰنَ الله! هي آهي: اَلرُّجُوۡعُ مِنَ الۡكُلِّ اِلٰى مَنۡ لَهُ الۡكُلُّ يعني سڀ ڪجهہ ڇڏي صرف ان جو ٿي وڃڻ جيڪو سڀني جو مالڪ آهي. ڪاش! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي صدقي اسان بہ مُنيب بڻجي وڃون. اسان بہ نفس جي خواهشن کان جان ڇڏايون، دل مان دنيا جي محبت ڪڍون، مال جي محبت کان پيڇو ڇڏايون، دنيا جي عارضي فاني عزت، شهرت، عهدي ۽ منصب جي طلب ڇڏيون، آخرت جي فڪر ڪريون، الله پاڪ جي رضا جا طلبگار بڻجي وڃون. ڪاش! اسان جو سڀ کان پهريون ۽ آخري مقصد صرف ۽ صرف الله ۽ رسول کي راضي ڪرڻ بڻجي وڃي.

| | |
|---|---|
| تاج و تخت و حکومت مت دے | کثرتِ مال و دولت مت دے |
| اپنی رِضا کا دیدے مژدہ | یااللہ! مِری جھولی بھر دے[2] |

---

1...تفسیرِ نعیمی،پارہ:5،النسآء،زیرِ آیت: 125، جلد:5، صفحہ:515بتغیر قلیل۔

2...وسائلِ بخشش، صفحہ:123۔

## حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سان نسبت ڪڏهن درست ٿيندي؟

حضور غوثِ اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: مؤمن بانهو ”لِمَ“ (يعني ڇو)؟ ۽ ”كيفَ“ (يعني ڪيئن)؟ نٿو چاٽي (يعني مؤمن بانهو اهو نٿو ڏسي تہ حڪم ڇو ڏنو ويو؟ ڪيئن ڏنو ويو؟ بلڪ هڪ مسلمان صرف اهو ڏسندو آهي تہ حڪم ڪنهن ڏنو؟ اللہ پاڪ حڪم ڏنو آهي، ان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حڪم ڏنو آهي تہ بس هاڻي بانهو ان کي بجا آڻي ٿو، ان تي اعتراض ناهي ڪندو، چاهي سر ڌڙ جي بازي ئي ڇو نہ لڳائڻي پوي، اهو اللہ ۽ رسول جي حڪم تي عمل ڪندو آهي.

غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ وڌيڪ فرمائن ٿا: نفسِ اَمّاره شر ئي شر آهي، جيڪڏهن ماڻهو مجاهدو ڪري (يعني پاڻ کي مشقت ۾ وجهي، هر حال ۾ اللہ ۽ رسول جي حڪم تي عمل ڪري تہ آهستي آهستي) نفسِ اَمّاره نفسِ مُطمَئِنَّہ بڻجي ويندو آهي، جڏهن نفسِ اَمّاره نفسِ مُطمَئِنَّہ بڻجي وڃي تہ ماڻهو اطاعت ڪندو آهي، گناهن کان بچندو آهي، هن درجي تي اچي نفسِ انساني خير ئي خير ٿي ويندو آهي، ان وقت انسان نفساني خواهشن کان بچي ويندو آهي، پوري طرح اللہ پاڪ تي ڀروسو رکندو آهي ۽ هي ئي اهو درجو آهي جو جڏهن انسان جي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سان نسبت درست ٿئي ٿي (يعني هن درجي تي پهچي اهو چئي سگهجي ٿو تہ هي بانهو سنتِ ابراهيمي تي عمل ڪندڙ آهي)، ان وقت اللہ پاڪ بانهي جي بي حساب مدد فرمائيندو آهي ۽ آخرت ۾ ان کي بي حساب نعمتن سان نوازيندو آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! هي آهي قربانيءَ جو اصل سبق تہ اسان اللہ پاڪ جي ڪامل اطاعت ڪيون، ڇا؟ ڇو؟ ڪيئن؟ کي نہ ڏسون، عقل جا گهوڙا نہ ڊوڙايون بلڪ اکيون بند ڪري حڪمِ شريعت تي عمل ڪيون، نفساني خواهشن کان بچون، نفسِ اَمّاره جي خباثتن کان بچون، پنهنجي اصلاح ڪيون ايستائين جو نفسِ مُطمَئِنَّہ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

---

1...الفتح الربانی والفیض الرحمانی، المجلس الاول، صفحہ:14خلاصۃً۔

محیط دِل پہ ہوا ہائے نفسِ اَمّارہ | دِماغ پر مرے ابلیس چھا گیا یارَبّ!
رِہائی مجھ کو ملے کاش! نفس و شیطاں سے | ترے حبیب کا دیتا ہوں واسطہ یارَبّ! (1)

## نفس جي خواهشن کان بچو!

حديثِ پاڪ ۾ آهي: لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يَكُوْنَ هَوَاهُ تَبَعًا لِمَا جِئْتُ بِهٖ، توهان مان ڪو بانهو ان وقت تائين (ڪامل) مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيستائين ان جون خواهشون منهنجي آندل (دين) جي تابع نہ ٿي وڃن.[2]

علماءِ ڪرام هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: بانهي تي لازم آهي تہ الله ۽ رسول سان اهڙي محبت ڪري جو اها محبت ان کي الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري تي اڀاري ۽ گناهن جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجي.[3]

الله پاڪ اسان کي اهڙي توفيق عطا فرمائي، اسان جانورن جي قرباني ڪيون، ضرور ڪيون، ساڳئي وقت نفسِ اَمّاره جي بہ قرباني ڏيون، نفساني خواهشن جي بہ قرباني ڏيون، پنهنجي اندر جي ”مان“، پنهنجي اندر جي لالچ، دنيا جي محبت وغيره کي بہ قربان ڪري ڇڏيون، ڪاش! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي صدقي، حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي صدقي اسان الله پاڪ جا حقيقي فرمانبردار ۽ ان جي رضا جا طلبگار بانها بڻجي وڃون. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## نيڪ اعمال (Naik Amal) موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ اعمالن ۾ اضافي لاءِ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي،

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:78۔
2... السّنّۃ لابن ابی عاصم، باب ما یجب ان کون...الخ، جز: 1، صفحہ:46، حدیث:15۔
3...جامع العلوم والحکم، صفحہ:397، حدیث:41۔

جنهن جو نالو آهي: نيڪ اعمال (Naik Amal). هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺو، هن ايپلي ڪيشن ۾: اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ۽ طالب علمن لاءِ الڳ الڳ رسالا موجود آهن ۞ ان کي 6 مختلف ٻولين ۞ انگريزي ۞ اردو ۞ هندي ۞ بنگلا ۞ گجراتي ۽ ۞ سنڌيءَ ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو ۞ ان ۾ مختلف نيڪ اعمالن تي ٻڌل سوال ڏنل آهن ۞ هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪو به وقت مقرر ڪري پنهنجي اعمالن جو جائزو وٺو، ان مطابق زندگي گذاريو، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن ٺهندو، دل جي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار اجرو اجرو، نکريل نکريل، خوبصورت ٿي ويندو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي، اچو! هڪ شرعي مسئلو ٻڌون ٿا:

## صحيح ڇا آهي؟

صحيح شرعي مسئلو ۽ ۾ مشهور غلطي جي نشاندهي

**مسئلو:** هر صاحبِ نصاب تي (الڳ پنهنجي طرفان) قرباني واجب آهي.[1]

**وضاحت:** ماڻهو هي وڏي غلطي ڪندا آهن: ۞ ڪڏهن ڪڏهن گهر ۾ هڪ کان وڌيڪ مثال طور والد تي الڳ، پٽن تي الڳ، ڀائرن ڀينرن تي الڳ قرباني واجب ٿي رهي هوندي آهي پر علمِ دين جي کوٽ سبب هڪ ئي ڇيلو خريد ڪري سيني طرفان قرباني ڪري ڇڏي ويندي آهي. ظاهر آهي ته ٻڪري ۾ صرف هڪ ئي حصو هوندو آهي، ان جا 7 حصا نٿا ٿي سگهن، تنهن ڪري هڪ ئي ٻڪرو سيني طرفان قربان ڪري ڇڏڻ سان ڪنهن جو به واجب ادا ناهي ٿيندو. ۞ ها! بالفرض گهر ۾ 7 فردن تي

1...درِّ المختار،كتاب الزكاة ،باب صدقة الفطر،صفحہ:139ملتقطًا۔

قرباني واجب هجي تہ وڏو جانور وني ستن ئي طرفان ذبح ڪيو تہ سيني جي قرباني ٿي ويندي. ۞ اهڙي طرح ڪنهن بئي زندهہ ماڻهوءَ (مثال طور والدين، عزيز رشتيدار وغيره) طرفان قرباني ڪري ڇڏي، تڏهن بہ هي قرباني انهيءَ جي طرفان ٿيندي، پنهنجو واجب ادا نہ ٿيندو. تنهن ڪري جنهن تي قرباني واجب هجي، ان کي گهرجي تہ خاص پنهنجي ئي طرفان الڳ قرباني ڪري يا وڏي جانور ۾ پنهنجو الڳ حصو ملائي. اجا قربانيءَ جا ڏينهن باقي آهن، خدانخواستہ ڪو اهڙي غلطي ڪري وينو هجي تہ ان کي گهرجي تہ جانور خريد ڪري پنهنجو واجب ادا ڪري. الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَا رَافِعُ

جيڪو روزانو 20 ڀيرا يَارَافِعُ پڙهندو، ان جي مراد پوري ٿيندي[1] اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...مدنی پنج سوره، صفحہ:249۔